بوٺو) جي طرز سان واسطو رکندڙ هن ڪهاڻيءَ ۾ ويهين صديءَ جي شروعات کان وٺي بوٺين اڌ تائين جا اهم واقعا، جن ۾ هندو مسلم ايڪتا، هندو مسلم تضاد، آزاديءَ جون تحريڪون، پاڪستان جي تحريڪ، ورهاڱو، پاڪستاني معاشرت، ون يونٽ ۽ ان جا هاڃا، ون يونٽ جو خاتمو ۽ بعد واري سماجي ۽ تعليمي ماحول جو احوال ملي ٿو.

مرحوم محمد اسماعيل عرساڻيءَ پنهنجي ذات جي واسطي سان ڪا به ڳالهه لڪائي ڪونهي. هن هر ان ڳالهه جو بيان ڪيو آهي، جنهن جي ضرورت هئي. نه ڪي ڪو تونگر خاندان جو فرد ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪوڙ جيو انس نه ئي وري ڪنهن حقيقت کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. هن پنهنجي خاندان جو احوال توري بعد ۾ پنهنجي ذاتي زندگيءَ جو احوال نهايت سادي ۽ صاف نموني سان ڪيو آهي..

هيءَ آتم ڪهاڻي سنڌ جي تعليمي، سماجي ۽ سياسي پس منظر ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ ليکڪ گهڻو تڻو مواد پنهنجين يادگيرين تان ورتو آهي، ليڪن انهن جي مدد طور تاريخي شاهديون به ڏنيون اٿس. تنهنڪري ان جي ادبي اهميت سان گڏ تاريخي اهميت به آهي. سنڌ جي تعليمي ماحول جو اڀياس ڪرڻ لاءِ هن آتم ڪهاڻيءَ کي پڙهڻ تمام ضروري آهي.

هن مضمون ۾ بيان ڪيل آتم ڪهاڻين ۽ جيون ڪهاڻين جو گڏيل مطالعو ڪيو ته ان مان وڏيڪ معلومات ملي سگهندي. خاص ڪري ان لاءِ جو انهن ۾ ڪيترائي واقعا اهڙا آهن، جن جي هو تصديق ڪنديون نظر اينديون. اچا به جيڪڏهن مشهور ماهرِ تعليم حاجي خوجا صاحب، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽو، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر آپا شمس، ڊاڪٽر علينواز جتوئي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو ۽ پروفيسر غلام مصطفيٰ شاه پنهنجون آتم ڪهاڻيون لکن ته، سنڌ جي تعليم جي جدا تاريخ لکڻ جي ضرورت ئي نه پيش اچي.

# مددي ڪتاب

1- محمد اسماعيل عرساڻي - سڪر سيٺي ڏينهن- ڪتابي دنيا اساعت گهر حيدرآباد 1985.

2- محمد صديق مسافر - منازل مسافر. آر ايڇ احمد اينڊ برادرس. شاهي بازار حيدرآباد 55-1954.

3- مرزا قليچ بيگ - خانبهادر حسن علي آفندي. سه ماهي مهراڻ - نمبر 3-4 سنڌي ادبي بورڊ 1958.

4- شمس العلما ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو - منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي. سنڌي ادبي سوسائٽي ڪلسن منزل. گارڊن ايسٽ ڪراچي 3- 1962.

5- راءِ بهادر ديوان تاراچند سوقيرام. راڄ رشي ديوان ڏيارام گدو مل - جو جيون چرتر. گورو مل سنڌي ساهتيه منڊل ڪاڪي رستو. حيدرآباد سنڌ 1938.